امير اهلسنّت کان

# جنّت

## جي باري ۾ سوال جواب

سنڌي



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنۡ شَآءَ الله جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام**

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **اميرِ اهلسنّت کان جنّت جي باري ۾ سوال جواب**

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو رسالو

# اميرِ اهلسنّت کان جنّت جي باري ۾ سُوال جواب

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

## فهرست

رسالي جو نالو: **اميرِ اهلسنّت کان جنّت جي باري ۾ سوال جواب** 1

(هي رسالو اميرِ اهلسنّت کان ڪيل سوالن ۽ انهن جي جوابن تي مشتمل آهي) ............. 1

**امير اهلسنت کان جنّت جي باري ۾ سوال جواب** ..................... 1

**فرمان مولا مشڪل ڪشا** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ .............................. 1

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

(هي رسالو اميرِ اهلسنّت کان ڪيل سوالن ۽ انهن جي جوابن تي مشتمل آهي)

# امير اهلسنت کان جنّت جي باري ۾ سوال جواب

دعاءِ جانشينِ اميرِ اهل سنت: يارَبَّ المصطفيٰ! جيڪو مڪمل رسالو ”اميرِ اهلسنّت کان جنّت جي باري ۾ سوال جواب“ پڙهي يا ٻڌي ان کي جنّت ۾ وني وڃڻ وارا نيڪ ڪم ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي بنا حساب مغفرت سان نواز ۽ جنّتُ الْفِردوس ۾ پنهنجي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## فرمان مولا مشڪل ڪشا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ

الله پاڪ جنّت ۾ هڪ وڻ پيدا فرمايو آهي جنهن جو ميوو صوف کان وڏو، ڏاڙهونءَ کان ننڍو، مکڻ کان نرم، ماکيءَ کان ٻه منو ۽ مشڪ کان وڌيڪ خوشبودار آهي. ان وڻ جون ٽاريون آلي موتين جون، ٿڙ سون جا ۽ پنَ زَبَرجَد (يعني قيمتي پٿر) جا آهن لَا يَأْكُلُ مِنْهَا اِلَّا مَنْ اَكْثَرَ مِنَ الصَّلَاةِ عَلٰى مُحَمَّد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ان وڻ جو ميوو صرف اهوئي کائي سگهندو جيڪو نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهندو. (الحاوی للفتاوٰی، 48/2)

سوال: جنّت ڇا کي چوندا آهن، وضاحت فرمايو؟

(سوشل ميڊيا جي ذريعي سُوال)

جواب: جنّت جي لفظي معنيٰ آهي: باغ اسان جي عقيدي ۾ جيڪا ”جنّت“ آهي اها الله پاڪ جي نعمتن جو اعليٰ مقام آهي. جنهن ۾ گهڻيون اهڙيون نعمتون آهن جيڪي نه ڪنهن اک

ڏنيون نہ ڪنهن ڪن انهن جي متعلق ٻڌو. (بخارى، 391/2، حديث: 3244)

❀جنّت صرف انهن انسانن ڪي نصيب ٿيندي جيڪي دنيا مان ايمان سان رخصت ٿيندا ❀ جنن ۾ بہ توڙي جو مسلمان آهن پر جنّت انعام طور صرف حضرت آدم عَلَيهِ السَّلام جي اولاد جي لاءِ آهي.[1] ❀جنّت ۾ داخل ٿيڻ وارو وري ڪڏهن بہ نہ ڪڍيو ويندو.[2] ❀ ياد رهي تہ جنت تي ايمان آڻڻ ضَرورياتِ دِين مان آهي. جيڪڏهن ڪو جنّت جو انڪار ڪري ۽ چئي جنّت ڪجھ بہ نہ آهي رڳو خيالي ڳالهيون آهن تہ اهو ڪافر ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن ان موت کان پهريان توبھ نہ ڪئي تہ هميشہ دوزخ ۾ رهندو. نماز، روزو ۽ ٻيا نيڪ اعمال ان ڪي ڪجھ ڪم نہ ايندا. الله پاڪ پنهنجي محبوب ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان گناهگارن کي بنا حساب جنّت ۾ داخلا نصيب فرمائي.

(ملفوظاتِ امير اهلسنّت، 15/6)

اٰمِين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سُوال: ڇا جنّت آسمانن تي آهي؟ (محمد حامد عطاري، استنبول)

جواب: جنّت آسمانن کان مٿي ۽ جهنم ستن زمينن جي هيٺيان آهي. (شرح العقائد النسفيہ مع حاشيہ جمع الفرائد بانارة شرح العقائد، ص 246)

جنّت تمام گهڻو مٿي ۽ جهنم تمام هيٺ آهي. الله ڪريم اسان

---

1 اعلٰي حضرت، امام اهلِ سنّت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: هڪ قول هي بہ آهي تہ (جِنّات) جنّت جي ويجهو گهرن ۾ رهندا، جنّت ۾ سير ڪرڻ ايندا رهندا (عمدة القارى، 645/10) (پوءِ فرمايائون:) جنّت تہ جاگير آهي آدم عَلَيهِ السَّلام جي، سندن جي اولاد ۾ تقسيم ٿيندي. (ملفوظاتِ اعلٰى حضرت، ص 536)

2 سيپارو 14 سُورةُ الْحِجر جي آيت نمبر 48 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمايو: لَا يَمَسُّهُمۡ فِيۡهَا نَصَبٌ وَّ مَا هُمۡ مِّنۡهَا بِمُخۡرَجِيۡنَ ﴿۴۸﴾ ترجمو ڪنز العرفان: انهن ڪي جنت ۾ نہ ڪا تڪليف پهچندي ۽ نہ ئي اهي اتان ڪان ڪڍيا ويندا.

کي هيٺ لهڻ کان بچائي ۽ مٿي پرواز نصيب فرمائي ته اسان جنّت ۾ وڃي ڪري پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن سان چنبڙي وڃون. جنّت ۾ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙيسري بڻجڻ جو شرف ملي ويو ته اِنْ شَاءَ الله سڀ ڪجهه ملي ويندو.

سُوال: دعا ۾ جنّت جو سوال ڪرڻ ۽ جهنم کان پناهه گهرڻ جي ڇا اهميت آهي؟

جواب: اللّٰه پاڪ کان جنّت جو سوال ڪرڻ ۽ جهنم کان پناهه گهرڻ سنّت مبارڪ آهي جيئن ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان منقول طويل دعا ۾ هي الفاظ به آهن: "وَاَسْئَلُكَ الْجَنَّةَ وَمَا قَرَّبَ اِلَيْهَا مِنْ قَوْلٍ وَّ عَمَلٍ وَّ اَعُوْذُ بِكَ مِنَ النَّارِ وَمَا قَرَّبَ اِلَيْهَا مِنْ قَوْلٍ وَّ عَمَلٍ يعني اي الله! مان توکان جنّت ۽ جنّت جي ويجهو ڪرڻ وارن عملن جو سوال ڪريان ٿو ۽ جهنم ۽ جهنم جي ويجهو ڪرڻ وارن عملن کان تنهنجي پناهه گهران ٿو." لهٰذا اسان کي به گهرجي ته روزانو گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا اللّٰه پاڪ کان جنّت ۾ داخلا ۽ دوزخ کان بچڻ جي دعا گهرندا ڪريون. اللّٰه پاڪ جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو شخص اللّٰه پاڪ کان ٽي ڀيرا جنّت جو سوال ڪندو آهي ته جنّت چوندي آهي: "اي اللّٰه پاڪ! هن کي جنّت ۾ داخل فرماءِ." ۽ جيڪو ٽي ڀيرا جهنم کان پناهه گهرندو آهي ته جهنم چوندو آهي: "اي اللّٰه پاڪ! هن کي جهنم کان پناهه عطا فرماءِ. (ترمذی، 257/4، حدیث: 2581)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رهي ته جنّت جي طلب ۽ جهنم کان پناهه گهرڻ جي دعا عربيءَ ۾ ئي ڪرڻ ضروري ناهي، پنهنجي مادري زبان ۾ به هي دعا روزانو ٽي ٽي ڀيرا گهرندؤ ته اِنْ شَاءَ اللّٰهُ

الڪريم بيان ڪيل فضيلت حاصل ٿي ويندي. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنّت، 132/1)

سوال: جنّت ۾ ان جون نعمتون ڪيئن هونديون؟

جواب: احاديث مبارڪ ۾ اسان کي سمجهائڻ جي لاءِ جنّت جا مختلف مثال بيان ڪيا ويا آهن. پر حقيقت ته هيءَ آهي ته جڏهن جنّت ڏسنداسين تڏهن ئي خبر پوندي چو ته جنّت جي نعمتن جي باري ۾ هي به منقول آهي ته نه ڪنهن اک ڏٺو، نه ڪنهن ڪن ٻڌو ۽ نه ڪنهن دل تي ان جو خيال گذريو. ( مسلم، ص 1126، حديث: 7132)

(ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنّت، قسط:248، ص 14)

سوال: جهڙي طرح دنيا جي زندگي ۾ 12 مهينا پاتا وڃن ٿا ته ڇا آخرت ۾ يعني جنّت جي زندگي ۾ به هي مهينا پاتا ويندا؟ (ايڪٽر، احسن خان)

جواب: آخرت ۾ دنيا جهڙو نظام ناهي. دنيا ۾ ته گرميون، سرديون، مهينا، هفتا، ڏينهن ۽ رات موجود آهن، اُتي هي نه هوندا. جنّت ۾ هر وقت موسمِ بهار هوندي، دنيا ۾ جهڙي طرح صبح صادق جي وقت نظارو هوندو آهي اهڙو ئي نظارو جنّت ۾ هوندو. ( تفسيرِ قرطبی، پ 29، الدھر، تحت الآية: 13، 100/10) اتي مک، مڇر، اونداهي، صدمو ۽ بدبوءِ وغيره جهڙي ڪا به شيءِ نه هوندي. اتي ته صرف خوشيون ئي خوشيون هونديون. جنّتيءَ کي جنهن شيءِ جي خواهش هوندي اها ان کي ملي ويندي. جنّت ۾ سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار ٿيندو. صرف ايترو ئي نه جنّت ۾ جنّتيءَ شخص کي جيڪا سڀ کان وڏي نعمت ملندي اهو الله پاڪ جو ديدار هوندو. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنّت، قسط: 234، ص 1)

سوال: ڇا هر مسلمان جنّت ۾ ويندو؟

(سائل: محمد احمد، سڊني آسٽريليا)

جواب: جي ها! جنهن جو ايمان تي خاتمو ٿيو اهو يقيناً جنّت ۾

ويندو، البت ڪجھ گناھ گارن کي الله پاڪ پنهنجي رحمت سان معاف فرمائيندو ۽ ڪنهن کي نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت سان، ڪنهن کي بزرگن جي شفاعت سان بخشي ڇڏيندو ۽ ڪجھ گناھ گار پنهنجي گناهن جي ڪري دوزخ ۾ ويندا ۽ عذاب کان پوءِ جنّت ۾ داخل ڪيا ويندا.

خبردار! هي هرگز نہ چيو وڃي تہ ”جڏهن جنّت ۾ وڃڻو ئي آهي تہ ڪوبہ گناھ ڪيو ڪو مسئلو ناهي، ٿورو گھڻو عذاب سهي وٺنداسين!“ ياد رکو! ايئن چوڻ وارو شخص هميشہ جهنم ۾ رهندو ڇو تہ ان الله پاڪ جي عذاب کي هلڪو سمجهي ڪري ان جي توهين ڪئي آهي، بيشڪ الله پاڪ جو عذاب تمام گھڻو خوفناڪ ناقابلِ برداشت آهي، ان جو اندازو هن حديث مان لڳايو تہ جيڪڏهن جهنم کي سوئي جي ناڪي جيترو کوليو وڃي تہ دنيا جا تمام ماڻهو ان جي گرميءَ ۽ بدبوءَ سان مري وڃن.
(معجم اوسط، 78/2، حديث: 2583)

پڻ جهنمين کي جهنم ۾ جيڪا شيءِ پياري ويندي جيڪڏهن ان جو هڪ قطرو بہ دنيا ۾ ڪيرايو وڃي تہ دنيا جي تمام معيشت، ٻنيون ۽ باغات وغيره سڀ ڪجھ تباھ ٿي وڃن. ( ترمذی، 263/4، حديث: 2594)

ٿورو غور ڪيو! جڏهن جهنم جي ڪروڙ ميل پري هئڻ باوجود سوئي جي ناڪي جي برابر کُلڻ سان ايتري تباهي مچي وڃي ۽ ماڻهو هلاڪ ٿي وڃن تہ ڀانهو هڪ گھڙي جي لاءِ جهنم ۾ ويندو ان جو ڇا حال ٿيندو؟ لهٰذا الله پاڪ جي عذاب کي خواب ۾ بہ هلڪو نہ سمجهڻ گهرجي. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنّت)

سوال: ڇا مسلمان جِنّات جنّت ۾ ويندا؟

جواب: مسلمان جِنّات جنّت ۾ ويندا يا نہ ان ۾ اختلاف آهي. شارح

بخاري حضرت علامہ مولانا مفتي محمد شريفُ الحق امجدي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”صحيح ۽ راجح (قول) هي آهي تہ هي اَعراف ۾ رهندا. جنّت حضرت آدم (عَلَيۡهِ الصَّلاۃُ وَالسَّلام) جي جاگير آهي صرف انهن جي اولاد کي ملندي. (نزہۃ القاری، 351/4) (فيضانِ مدنی مذاکرہ قسط: 7، ص 9)

سُوال: ڇا ڪو انسان خواب ۾ جنّت ڏسي سگهي ٿو؟

جواب: جي ها! بلڪل ڏسي سگهي ٿو، هن ۾ ڪهڙو حرج آهي؟ البت هي طئي ڪرڻ مشڪل آهي تہ ڏسڻ واري جيڪو ڏٺو اها جنّت ئي آهي؟ ٿئي سگهي ٿو ڏسڻ واري ڪو سٺو ۽ خوبصورت باغ ڏٺو هجي ۽ دل ۾ هي خيال پيدا ٿي ويو هجي تہ مان هن وقت جنّت ۾ آهيان. حقيقت ۾ اسان جنّت انهي وقت ڏسنداسين جڏهن آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پويان پويان اِن شاءَ الله جنّت ۾ داخل ٿينداسين، ڇو تہ اسان رَسُولُ الله جا جنّت رَسُول الله جي.

بهرحال بزگان دين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم جي هن طرح جا واقعا (موجود) آهن جن ۾ انهن جنّتي حورن کي ملاحظ فرمايو آهي. ايئن ئي جنّت ۾ وڃڻ جا خواب ڪتابن ۾ لکيل آهن پر خواب اسان جي لاءِ دليل ناهي. حقيقت ۾ جنهن هستيءَ جنّت ۽ حورن کي ڏٺو آهي اهي اسان جا پيارا آقا، مڪّي مدني مصطفٰي، شَب اَسرٰي جا گهوٽ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جَن مِعراج جي رات جنّت جي سير فرمائي. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان علاوه ڪنهن خواب وغيره ۾ ڪجھ ڏٺو تہ ان جي باري ۾ يقيني طور نٿو چئي سگهجي تہ ان بذاتِ خود جنّت ئي ڏٺي آهي. هتي تہ عقل بہ جنّت جو اندازو نٿو لڳائي سگهي تہ جنّت ڇا شيءِ آهي؟ ۽ اهو ڪيترو اعلٰي مقام آهي؟ ڇو تہ اسان جا عقلَ ناقص آهن ۽ الله پاڪ جي

حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو عقل مُبارڪ ڪامل هو، ڪامل آهي ۽ ڪامل رهندو. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت، 148/2)

سُوال: جنّتين کي جنّت ۾ سڀ ڪان پهريان ڪهڙي غذا ڏني ويندي؟

جواب: جنّتين کي جنّت ۾ سڀ ڪان پهريان جيڪا غذا ڏني ويندي اها مڇيءَ جي ڪليجي جو ڪنارو آهي. (بخاری، 412/2، حدیث: 3329)

آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ اِنْ شَآءَ اللّٰه اسان ٻه جنّت ۾ مڇيءَ جي ڪليجي جو ڪنارو ڪائينداسين، چو ته اسان رَسُولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا جنّت رَسُولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آهي. هاڻي ڪو هي سوچي ته جنّت ۾ گهڻا ماڻهو هوندا ته ايترا ڪليجن جا ڪنارا ڪٿان ايندا ته ان کي پنهنجي عقل جا گهوڙا ڊوڙائي ڪري اُبتيون سبتيون حرڪتون ڪرڻ جي بدران ان ذات جي فرمان کي مڃڻو آهي جنهن جي شان (اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ ﴿۲۰﴾) آهي، "يعني بيشڪ الله سڀ ڪجھ ڪري سگهي ٿو." مَعَاذَ الله اهو بيوس ناهي بلڪ اهو جيڪو چاهيندو آهي ڪندو آهي. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنّت، 365/6)

سُوال: جنّت جي باري ۾ ڇا عقيدو هئڻ گهرجي؟ پڻ جنّت جو انڪار ڪرڻ ڪيئن؟

جواب: ياد رکو! جنّت تي ايمان آڻڻ فرض آهي جيڪڏهن ڪو جنّت جو انڪار ڪندو ته اهو ڪافر ٿي ويندو. اسان بنا ڏسڻ جي غيب تي ايمان آڻڻ وارا آهيون قرآنِ پاڪ ۾ آهي: يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ (پ 1، البقرة:3) ترجمو ڪنز الايمان: جيڪي اڻ ڏٺي ايمان آڻين ٿا." جنّت ٻه هڪ غيب آهي ۽ الله پاڪ ته غيبُ الغيب آهي اسان ان تي ايمان آڻيندا

آهيون. بهارِ شريعت، جلد1، صفحو 152 جي حاشيي ۾ لکيل آهي: يعني بنا ڏسڻ جي نه ته ڏسي ڪري ته پاڻ ئي چاڻيندا ته جن دنيا جي زندگي ۾ ئي مشاهدو فرمايو (يعني جنّت کي ڏٺائون) اهي هِن حڪم کان الڳ آهن يعني شروع کان هي حڪم انهن کي شامل ئي نه آهي، عَلَي اَلْخُصُوص (يعني خاص طور) صاحبِ معراج صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 149/2)

سُوال: ”جيڪڏهن دنيا ۾ تمام ديانتدار هجن ها ته جنّت دنيا ۾ ئي هجي ها“ ايئن چوڻ ڪيئن؟

جواب: ٺئي سگهي ٿو ته هن مان هي مراد هجي ته هر طرف اَمن هجي ها ۽ ماٺهو جهڳڙو نه ڪن ها نه ڪنهن کي تڪليف ڏين ها ۽ سڀ جا سڀ اَمن ۽ اَمان سان رهي رهيا هجن ها ته چڻ ايئن هئڻ دنيا ۾ جنّت هئڻ جهڙو آهي جيئن ڪشمير کي جنّت جي وادي چوندا آهن. هِن طرح جا جملا محاوري طور ڳالهايا ويندا آهن. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 319/3)

سُوال: جڏهن اسان سبحان الله چوندا آهيون ته جنّت ۾ ڪهڙو وڻ لڳندو آهي؟

جواب: حديث پاڪ ۾ آهي ته جنّت ۾ ڪجيءَ جو وڻ لڳايو ويندو آهي. (ابنِ ماجه، 252/4، حديث: 3807) اهي ڪجورون ڪهڙيون هونديون؟ وڻ ڪيئن هوندو؟ اهو ته جنّت ۾ وڃي ئي ڏسنداسين. جنّت ته جنّت آهي، نه ان کي ڪنهن اک ڏٺو آهي ۽ نه ڪنهن ڪن ان جي حقيقت ٻڌي آهي. (بخارى، 391/2، حديث: 3244) قرآنِ پاڪ ۽ احاديث مبارڪ ۾ اسان

ڪي سمجھائڻ جي لاءِ هن جا مثال ڏنا ويا آهن.[1] البت جنّت جي حقيقت کي بنا ڏسڻ جي بيان نٿو ڪري سگھجي. آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ جنّت ۾ وڃي ڪري اِنۡ شَآءَ الله ان کي ضرور ڏسنداسين ڇو تہ اسان رَسُولُ الله جا جنّت رسول الله جي. (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 294/6)

سُوال: حضرت هود عَلَيۡهِ السَّلَام جي زماني ۾ ”شدّاد“ جنّت ٺاهي هئي، ان جو واقعو بيان فرمايو.

جواب: قومِ عاد جو مُورثِ اعلٰي (يعني سڀ کان وڏو اهو پهريون شخص جنهن جو ورثو ان جي اولاد کي مليو اهو) عاد بِن عوص بِن اِرم بِن نوح آهي. ان عاد جي پٽن ۾”شدّاد“ بہ آهي، جيڪو وڏي شان ۽ شوڪت جو بادشاھ ٿيو آهي، ان پنهنجي وقت ۾ تمام بادشاھن کي پنهنجي جهنڊي جي هيٺيان گڏ ڪري سيني کي پنهنجو مطيع ۽ فرمانبردار بڻائي ورتو هو. ان پيغمبرن جي زبان کان جنّت جو ذڪر ٻڌي ڪري بغاوت جي نيت سان دنيا ۾ جنّت بڻائڻ چاهي، هن ارادي سان ان هڪ تمام وڏو شهر ٺاهيو، جنهن جا محلَ سوني چانديءَ جي سِرُن سان ٺهرايا ويا ۽ زَبَرجد ۽ ياقوت جي قيمتي پٿرن جا ستون ان جي عمارتن ۾ نصب يعني فٽ ڪيا ويا. مڪانن ۾ اهڙا فرش ٺاهيا ويا جو پٿرن جي بدران قيمتي موتي وڇايا ويا، هر محل جي چوڌاري جواهرات سان پريل نهرون جاري ڪيون ويون. قسم قسم جا وڻ چانوَ جي لاءِ لڳايا ويا، مطلب تہ ان

---

[1] صدر الشريعہ مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جنّت هڪ جاءِ آهي جنهن کي الله پاڪ ايمان وارن جي لاءِ ٺاهيو آهي، ان ۾ اهي نعمتون مهيا ڪيون آهن جن کي نہ اکين ڏٺو، نہ ڪنن ٻڌو، نہ ڪنهن شخص جي دل تي ان جو خيال گذريو. جيڪو مثال ان جي تعريف ۾ ڏنو وڃي سمجھائڻ جي لاءِ آهي، نہ تہ دنيا جي اعلٰي کان اعلٰي شيءِ کي جنّت جي ڪنهن شيءِ سان ڪجھ مناسبت ناهي. (بہارِ شريعت، 152/1، حصہ: 1)

باغي ۽ سرڪش پنهنجي خيال مطابق جنّت جون تمام شيون ۽ هر قسم جي عيش عشرت جا سامان ان شهر ۾ جمع ڪري ڇڏيا. جڏهن شهر مڪمل ٿيو تہ ”شدّاد بادشاهہ“ پنهنجي سلطنت جي وزيرن ۽ درباري ماڻهن سان گڏ پنهنجي نهرايل جنّت جي طرف روانو ٿيو، جڏهن هڪ منزل جو فاصلو باقي هو تہ آسمان مان هڪ خوفناڪ آواز آيو جنهن سان الله پاڪ ”شدّاد“ ۽ ان جي تمام ساٿين کي هلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ اهي مري ويا ۽ اهو پنهنجي نهرايل جنّت کي بہ نہ ڏسي سگهيو. ( خزائن العرفان ، پ 30، الفجر ، تحت الآية : 8 ، ص 1102 ماخوذاً) الله! الله! ڪهڙي عبرت آهي! (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 313/5)

سُوال: جيڪڏهن مرڻ واري جي بخشش ٿي وڃي تہ ڇا ان کي انهيءَ وقت جنّت ۾ داخل ڪيو ويندو آهي يا قيامت جي ڏينهن داخل ڪيو ويندو؟

جواب: جيڪڏهن مرڻ واري جي بخشش ٿي وڃي تہ ان جي قبر ۾ جنّت جي دري کولي ويندي آهي، جنهن سان هو لطف حاصل ڪندو رهندو آهي. باقاعده جنّت ۾ داخلا تہ قيامت جي ڏينهن ٿيندي. (مرأة المناجيح، 126/2 ماخوذاً )

(مدني مذاڪري ۾ شريڪ مفتي صاحب جن فرمايو:) شهيدن جا روح عرش جي هيٺان قنديلن ۾ پکين جي ڳُجهيءَ ۾ هوندا آهن ۽ انهن کي جنّت ۾ اچڻ وڃڻ جي اجازت هوندي آهي. ايئن ئي الله پاڪ جنهن جنهن جي لاءِ چاهي تہ انهن جي روحَن جو جنّت ۾ اچڻ وڃڻ رهندو آهي. (مسلم، ص 807، حديث: 4885) باقي رهي جنّت ۾ داخلا تہ اها قيامت جي ڏينهن ئي ٿيندي. (مرأة المناجيح، 126/2، ماخوذاً) ۽ سڀني کان پهريان حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جنّت ۾ تشريف کڻي ويندا. (دلائل النبوة، الجزء: 1، ص 33) (ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنت، 286/2)

سُوال: جنّتي نوجوانن جو قد ڪيترو ھوندو؟

جواب: حضرت سيّدنا آدم عَلَيهِ السَّلام جو قد 60 ھٿ ھو. ايترو ئي قد ھر جنّتيءَ جو ھوندو. (مراٰة المناجيح، 484/7) (فيضانِ مدنی مذاکره قسط:246، ص 18)

سُوال: ڇا زال مڙس ٻئي جنّت ۾ گڏ رھندا؟

جواب: جي ھا! جيڪڏھن زال مڙس جو خاتمو ايمان تي ٿيو تہ ھي ٻئي جنّت ۾ گڏ رھندا. (التذکرة باحوال الموتی و امور الاخرة ، ص 462) جيڪڏھن انھن مان ڪنھن جو معاذ اللہ ايمان سلامت نہ رھيو تہ دوزخ ان جو نڪاڻو ھوندو ۽ جيڪو جنّت ۾ ويندو ان جو ڪنھن ٻئي جنّتيءَ سان نڪاح ٿي ويندو. جنّت ۾ وڃڻ واري کي پنھنجي ٻئي ساٿيءَ جي جدا ٿيڻ جو ڪو غم ۽ صدمو بہ نہ ٿيندو ڇو تہ جنّت غم ۽ صدمي جي جڳھ ناھي. (فيضانِ مدنی مذاکره قسط:8، ص 30)

سُوال: ڇا جنّت ۾ ماءُ پيءُ ۽ پيڻ ڀاءُ گڏ ھوندا؟ (سائل: محمد عامر رضا)

جواب: جيڪڏھن ايمان تي خاتمو ٿيو ۽ اللہ پاڪ راضي ٿيو تہ سڀ جنّت ۾ گڏ رھندا ڇو تہ جنّت ۾ ڪو غم نہ ھوندو. (ترمذی، 247/4، حديث: 258) جيڪو جنھن سان ملڻ چاھيندو ان جي ان سان ملاقات ٿي ويندي. (الترغيب و الترہيب، 304/4، حديث: 115)

(ان موقعي تي مفتي صاحب جن فرمايو:) ماءُ پيءُ جي باري ۾ قرآن پاڪ ۾ موجود آھي:

| | |
|---|---|
| وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ اتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّيَّتُهُمْ بِاِيْمَانٍ اَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَ مَآ | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ جن ماڻھن ايمان آندو ۽ انھن جي (جنھن) اولاد ايمان سان انھن |

اَلَتۡنٰهُمۡ مِّنۡ عَمَلِهِمۡ مِّنۡ شَیۡءٍؕ
(پ 27، سُورۃُ الطور: 21)

جي پيروي ڪئي تہ اسان انھن جي اولاد کي انھن سان ملائي ڇڏيو ۽ انھن (والدين) جي عملن ۾ ڪجھ ڪمي نہ ڪئي.

يعني اگر ڪو شخص ھيٺين درجي ۾ ھوندو تہ اھو مٿين درجي واري سان ڳڏايو ديندو. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنّت)

سُوال: پھرين مڙس جي فوتگي يا طلاق وغيره جي صورت ۾ جنھن عورت ھڪ کان وڌيڪ شاديون ڪيون ھجن اھا جنّت ۾ ڪھڙي مڙس سان گڏ رھندي؟

جواب: جيڪڏھن ڪا عورت ھڪيئي پنيان ھڪ کان وڌيڪ مردن جي نڪاح ۾ آئي تہ ھڪ قول جي مطابق جنھن جي نڪاح ۾ سڀ کان آخر ۾ ھئي جنّت ۾ انھيءَ سان گڏ ھوندي. جيئن تہ حضرتِ سيّدنا ابو الدّرداء رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آھي نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ روح پرور آھي: "عورت جنّت ۾ پنھنجي ان مڙس جي نڪاح ۾ ڏني ويندي جيڪو دنيا ۾ ان جو سڀ کان آخري مڙس ھو." (مسند الشامیین للطبرانی، 2/359، حدیث: 1496)

ٻيو قول ھي آھي تہ جنھن جو اخلاق وڌيڪ سٺو ھوندو ان کي ملندي جيئن اُمُّ المؤمنين حضرت اُمِّ سَلمہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا جن عرض ڪيو: يا رَسُولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڪجھ عورتون دنيا ۾ ٻہ، ٽي يا چئن مڙسن سان (ھڪيئي پنيان) شادي ڪنديون آھن، پوءِ مرڻ کان پوءِ جنّت ۾ گڏ ھجن تہ اھا عورت ڪھڙي مڙس جي لاءِ ھوندي؟ ارشاد فرمايائون: ان کي اختيار ڏنو ويندو ۽ جنھن مڙس جو اخلاق

دنيا ۾ سڀ کان سٺو هوندو اها ان کي اختيار ڪندي، اها چوندي: اي منهنجا ربّ عزّوجل! منهنجي هن مڙس جو اخلاق سڀ کان سٺو هو لهٰذا هن سان منهنجو نڪاح فرماءِ.

(معجم ڪبير، 367/23، حديث: 870)

هنن ٻنهي حديثن ۽ قولن ۾ ڪو تعارُض (يعني ٽڪراءُ) ناهي جيئن ته حضرتِ امام احمد بن حجر مڪي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنهن عورت هڪٻئي پٺيان ڪيئي نڪاح ڪيا هجن ته هڪ صورت هيءَ به آهي ته هر مڙس ان کي طلاق ڏئي ڇڏي هجي ۽ جڏهن اها فوت ٿي ته ڪنهن جي نڪاح ۾ نه هئي ته صرف انهي حالت ۾ ان کي اختيار ڏنو ويندو ۽ جنهن مڙس جو اخلاق دنيا ۾ سڀ کان سٺو هوندو ان کي ملندي. جيئن حضرتِ اُمِّ سَلَمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي حديث ۾ مذڪور آهي. ۽ ٻئي صورت هي آهي ته ان متعدّد (يعني هڪ کان وڌيڪ) نڪاح ڪيا هجن ۽ آخري مڙس ان کي طلاق نه ڏني هجي ۽ اها ان جي نڪاح ۾ فوت ٿي ته هن صورت ۾ اها جنّت ۾ آخري مڙس جي نڪاح ۾ هوندي جيئن سيّدنا ابو الدّرداء رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي حديث ۾ آهي. (فتاوىٰ حديثيه، ص 70-71) (نيڪي ڪی دعوت، ص 297)

اخلاق ہوں اچّھے مرا کردار ہو سُتھرا
محبوب کا صدقہ تو مجھے نیک بنادے

(وسائلِ بخشش، ص 103)

سُوال: جيڪي مسلمان مرد ۽ عورت ڪنوارپڻي ۾ رخصت ٿيا هجن ڇا انهن جي به نڪاح جي ڪا صورت هوندي؟

جواب: جن مردن يا عورتن جو سڄي زندگي ۾ نڪاح ناهي ٿيندو انهن جو به جنّت ۾ هڪٻئي سان نڪاح ڪيو ويندو.

(نيڪی کی دعوت، ص 296)

سُوال: جنّت ۾ مردن کي حورون ملنديون ته عورتن کي ڇا ملندو؟

جواب: عورتن کي جنّت ۾ انهن جا اهي مڙس ملندا جن جي نڪاح ۾ اهي هيون شرط هي آهي تہ مڙس بہ جنّتي هجي.

جيڪڏهن ڪنهن عورت جو مڙس جنّت ۾ نہ وڃي سگهيو تہ اها ڪنهن ٻئي جنّتي مرد جي نڪاح ۾ ڏني ويندي. اهڙيءَ طرح "جيڪي عورتون ڪنوارپڻ ۾ فوت ٿيون اهي بہ جنّت ۾ ڪنهن مرد جي زوجيّت ۾ هليون ويندين. ان کان علاوه جنّت جون نعمتون مثال طور محلّات، لباس، غذائون ۽ خوشبو وغيره مرد ۽ عورت ۾ مشترڪ آهن، البت ديدارِ الٰهي ۾ اختلاف آهي ۽ صحيح هي آهي تہ ٻنهي کي ٿيندو.

(فتاویٰ اہلسنّت، سلسلہ نمبر 7، ص 24) (فيضانِ مدنی مذاکره قسط: 31، ص 3)

سوال: دنيا جون جنّتي عورتون افضل آهن يا حورون؟

جواب: دنيا جون عورتون حورن کان افضل آهن. "طبراني" جي هڪ طويل حديث پاڪ ۾ هي بہ آهي: اُمِّ سَلمہ رضی اللہ عنہا جن عرض ڪيو: "يا رسول الله صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم! دنيا جون عورتون افضل آهن يا وڏين اکين واريون جنّتي حورون؟" تہ پاڻ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم ارشاد فرمايو: "دنيا جون عورتون وڏين اکين واري جنّتي حورن کان افضل آهن." اُمّ المؤمنين عرض ڪيو: يا رسول الله صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم! ڪهڙي سبب؟ تہ پاڻ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جن ارشاد فرمايو: "هي انهن جي نماز روزي ۽ الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ جي سبب آهي".

(معجم کبیر، 367/23، حديث: 870)

هڪ ٻئي حديثِ پاڪ ۾ آهي: دنيا جون جنّتي عورتون حورن کان 70 هزار درجا افضل آهن. (التذکره للقرطبی، ص 458)

جليلُ القدر تابعي حضرتِ حِبان بن اَبُوجَبَلہ رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: دنيا جون اهي عورتون جيڪي جنّت ۾ وينديون پنهنجي نيڪ ڪمن

جي ڪري جنّت جي حورن کان افضل هونديون.

(تفسير قرطبی، پ 27، الرحمٰن، تحت الآية: 70، 137/9) (نیکی کی دعوت، ص 297)

سوال: ڇا جنّت ۾ اولاد ٿيندو؟ (ڪراچي مان سوال)

جواب: جي ها! جنّت ۾ اولاد ٿيندو. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت، 286/2)

سوال: ڇا نابالغي ۾ فوت ٿيڻ وارا ٻار پنهنجي والدين کي جنّت ۾ وٺي ويندا؟

جواب: جي ها! نابالغي ۾ فوت ٿيڻ وارا ٻارَ پنهنجي والدين جي سفارش ۽ جنّت جي دروازي تي انهن جو استقبال ڪندا ايستائين جو ڪچو ٻار (يعني ضايع ٿيڻ وارو حمل) بہ پنهنجي والدين جي سفارش جي لاءِ الله پاڪ سان تيز ڪلام ڪندو جيئن جهيڙو ڪندا آهن! پوءِ الله ڪريم ان کي اجازت ڏيندو ۽ اهو پنهنجي والدين کي ڇڪي جنّت ۾ وٺي ويندو.(ابنِ ماجہ، 273/2، حدیث: 1608)

جيڪڏهن حقيقت جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي تہ جنهن نابالغ اولاد جي وفات تي والدين روئي روئي بي حال ٿي ويندا آهن هي انهن جي آخرت جو ذخيرو آهي. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت)

سوال: اسان ٻڌو آهي تہ زليخا پوڙهي ٿي جنّت ۾ ويندي. ڇا هي ڳالهہ صحيح آهي؟

جواب: زُليخا پهريان مسلمان نہ هئي، پر بعد ۾ پوڙهائپ ۾ پهچي ڪري مسلمان ٿي وئي هئي. زُليخا کي حضرتِ سيّدنا يوسف عَلَيهِ السَّلَام سان عشق هو، پر پاڻ عَلَيهِ السَّلَام کي زليخا سان عشق نہ هو. جيڪي ماڻهو نَعُوذُ بِالله! پاڻ عَلَيهِ السَّلَام کي عشقِ مجازيءَ ۾ گرفتار ٻڌائيندا آهن اهي نبيءَ جي توهين ڪندا آهن ۽ نبيءَ جي

توهين ڪرڻ ڪفر آهي. (بہار شریعت، 47/1، حصہ:1)

نبي اهڙو ڪم ناهن ڪندا. عشق صرف زليخا جي طرف کان هو ۽ One Sided (يعني هڪ طرفو) هو. زليخا پوڙهي ٿي وئي هئي ۽ ان جو حسن ۽ جمال بہ ختم ٿي ويو هو، پر بعد ۾ اها مسلمان ٿي، ان جو پاڻ عَلَيهِ السَّلام سان نڪاح ٿيو ۽ ان جو حسن ۽ جمال بہ موٽي آيو. دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب ”پردے کے بارے میں سوال جواب“ جي اندر هن جي تفصيلي حڪايت موجود آهي. رهيو هي سُوال تہ جنّت ۾ زليخا پوڙهي ٿي ڪري ويندي تہ هي ڳالهہ صحيح ناهي، ڇو تہ جنّت ۾ سڀ جوان هوندا، ايستائين جو هڪ ڏينهن جو ٻار بہ جيڪڏهن جنّت ۾ ويندو تہ اهو بہ جوان هوندو ۽ 100 سال جو پوڙهو جنّت ۾ ويندو تہ اهو بہ جوان هوندو. سڀ جنّتي 30 سال جا معلوم ٿيندا.

(مرآۃ المناجیح، 385/8) (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت، قسط:، ص 27)

سوال: حسنين ڪريمين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جنّتي جوانن جا سردار آهن يا نوجوانن جا سردار آهن؟

جواب: جوان جي معنٰي بهادر آهي يعني جيڪو ويڙهہ جي معاملي ۾ طاقتور هجي ۽ جهاد ۾ مضبوطيءَ سان وڙهندو هجي ان ڪي جوان چيو ويندو آهي. (سوانح کربلا، ص 104 ماخوذاً) انهيءَ ڪري ڪجهہ 60 يا 70 سالن جي پوڙهن ڪي بہ ڪتابن ۾ جوان لکيل هوندو آهي. نہ تہ حقيقتاً انسان 30 سالن تائين جوان رهندو آهي ان کان پوءِ جواني ختم ٿيڻ شروع ٿي ويندي آهي. حسنين ڪريمين رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جنّتي نوجوانن جا سردار آهن حالانڪ جنّت ۾ سڀ ئي جوان هوندا، پر جنّتي نوجوانن جا سردار هئڻ جو مطلب هي آهي تہ حسنين

ڪريمين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا انهن جا سردار آهن جيڪي دنيا ۾ نوجوانيءَ جي حالت ۾ وفات ڪري ويا.[1] نہ تہ اردو ۾ جوان جو لفظ نوجوان ۽ جوان ٻنهي جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، هن ۾ فرق ناهي ٿيندو. انهي ڪري جواني لفظ چيو ويندو آهي نوجواني ناهي چيو ويندو جيئن چوندا آهن پري جوانيءَ ۾ هليو ويو. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت، 99/6)

سوال: حضرتِ سيّدنا امام حسن ۽ حضرت امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا جنّت ۾ نوجوانن جا سردار هوندا تہ پوڙهن جا سردار ڪير هوندا؟

(ارسلان، گجرانواله)

جواب: سڀ ڪان پهريان تہ هيءَ ياد رکو تہ جنّت ۾ ڪير بہ پوڙهو ڪو نہ هوندو. (مراٰۃ المناجیح، 385/5) جنّت ۾ سڀ جا سڀ جنّتي 30 سالن جا هوندا. (ترمذی، 244/4، حدیث : 2554) دنيا ۾ جيڪي پوڙها ٿي ڪري يا گهٽ عمر ۾ ئي فوت ٿيا هوندا اهي بہ جنّت ۾ جوان هوندا يعني سيئي 30 سالن جا معلوم ٿيندا. (ترمذی، 253/4، حدیث : 2571) البت دنيا ۾ جيڪي پوڙها ٿي فوت ٿيا هوندا جنّت ۾ انهن جا سردار حضرتِ صدّيقِ اڪبر ۽ حضرتِ سيّدنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا هوندا. (ترمذی، 376/5، حدیث : 3685) (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت، 186/6)

سوال: ڇا عورت هي دعا ڪري سگهي ٿي تہ ان کي جنّت ۾ پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب ٿي وڃي؟

جواب: بيشڪ عورت جنّت ۾ پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙو گهري

---

1 حڪيمُ الامت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: جيڪي ماڻهو جوانيءَ ۾ وفات ڪري وڃن ۽ هجن جنّتي حضرتِ حسنين ڪريمين انهن جا سردار آهن، نہ تہ جنّت ۾ سيئي جوان هوندا تنهنڪري هن مان هي لازم نٿو اچي تہ حضراتِ حسنين ڪريمين حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم يا ٻين نبين جا بہ سردار هجن. شباب جمع آهي شابّ جي بمعنٰي جوان، جوانيءَ جي عمر ارڙهن سالن کان ٽيهن سالن تائين آهي. (مراٰۃ المناجیح، 475/8)

سگهي ٿي بلڪ گهرڻ گهرجي. جيڪڏهن جنّت ۾ ڪنهن به خوش نصيب کي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب ٿي ويو ته ان جا ڀاڳ ڀلا ٿي ويندا. ڪاش! اسان کي جنّت ۾ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب ٿي وڃي. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت، 95/6)

سوال: توهان ارشاد فرمايو ته جنّت ۾ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو ملڻ جي دعا ڪرڻ گهرجي پر پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اَربين امّتي آهن جن ۾ صحابهءِ ڪِرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم سان گڏوگڏ ڪيئي وڏيون وڏيون هستيون هونديون اهڙي صورت ۾ ايترن امتين کي ڪهڙي طرح پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب ٿيندو؟

جواب: ياد رکو! جنّت ۾ ڪنهن کي رنج ۽ غم نه هوندو ۽ رهي ڳالهه جنّت ۾ ايترن امّتين کي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو ملڻ جي ته ڪوڙ مثال دنيا ۾ ئي موجود آهن مثال طور حضرتِ سيّدنا غوث اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي ڪنهن پنهنجي گهر اچي ڪري اِفطار ڪرڻ جي دعوت ڏني، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن قبول فرمائي، پوءِ ڪنهن ٻئي اچي ڪري اِفطار جي دعوت ڏني پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن ان کي به قبول فرمائي ورتو. ايستائين جو 70 مريدن پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي پنهنجي گهر ۾ افطار ڪرڻ جي دعوت ڏني ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سيني جي دعوت قبول فرمائي ورتي. راوي جو بيان آهي ته هر ميزبان چئي رهيو هو ته هن ڏينهن غوث اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن منهنجي گهر اِفطار فرمايو آهي، حيرت مٿان حيرت هي آهي ته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان ڏينهن پنهنجي آستاني مان ڪيڏانهن ويا به ڪو نه هئا بلڪ اتي ئي اِفطار فرمايائون. (تفريح الخاطر، ص 112)

گئے اِک وقت میں ستّر مریدوں کے یہاں آقا ‏ ‏ ‏ ‏ سمجھ میں آ نہیں سکتا مُعمّا غوثِ اعظم کا

(قبالہ بخشش، ص 94)

ڏنو توهان غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪهڙي طرح هڪ ئي وقت ۾ 70 جڳهن تي تشريف ڪٺي ويا تہ اندازو لڳايو جڏهن هڪ امّتي جو هي شان آهي تہ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظمت ۽ شان جو ڇا عالم هوندو. ڇا پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنّت ۾ پنهنجن ڪروڙين امتين ڪي پاڙو نٿا عطا فرمائي سگهن.

(اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ويجهو ويٺل مفتي صاحب جن فرمايو:) حضرت سيّدنا عبد العزيز دباغ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنّتُ الفردوس جنّت ۾ تمام وڏو درجو آهي پر نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جنّتُ الفردوس ڪان بہ اعلٰي مقام تي تشريف فرما هوندا ۽ شفقت فرمائيندي پنهنجي امّتين وٽ تشريف ڪٺي ايندا رهندا.
(الابريز، 324/2 ماخوذاً)

(ان تي اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمايو:) هي چوڻ تہ ”سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اعلٰي مقام تي تشريف فرما هوندا“ جي مقابلي ۾ هي چوڻ وڌيڪ خوبصورت آهي تہ ”سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جتي تشريف فرما هوندا اهو مقام اعلٰي ٿي ويندو.“ (ملفوظاتِ امير اہلِ سنت، 96/6)

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺيون سُٺيون نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. * سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ * روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "مدني قافلن" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ






عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net